# سنڌي شعر
# جي
# تواريخ

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.



ڊاڪٽر ديال آشا پرسنل
ساهتيڪار ۽ سماج شيوڪ آهي،
تعليمدان ۽ شاعر آهي ، ڪيس
ڪيترن ئي ڪتابن تي سرڪاري
انعام عطا ٿيا آهن. هي مسڪينن
محتاجن ۽ گهرجائو وديارٿين جي
ڪيڏي نه لگن ۽ اتساهه سان
خدمت ڪري رهيو آهي .
روحاني راهه جو پانڌيئڙو آهي.
ڪاليج جي جوابداري سنڀاليندي
هن پاڻ جا سنڌي-هندي ساهتيه
۽ سماج جي شيوا پڻ ڪئي
آهي تنهن لاءِ ڪيس ڌنيواد.
سندس هيءَ نئين تصنيف
" سنڌي شعر جي تواريخ "
سنڌي ادب ۾ اضافو آهي.

ناري گرساڻي
ائڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ
پريزيڊنٽ
آل پارٽ سنڌ پنچايت
فيڊريشن

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

# سنڌي شعر جي تاريخ

مصنف

ڊاڪٽر ديال ڪوٽومل ڌامبجا "آشا"

ايم.اي پي ايڇ.ڊي.

پروفيسر

سنڌي ويڀاڳ

وائيس پرنسيپال

شريمتي چاندي ٻائي همٿمل منسکاڻي ڪاليج

الهاسنگر-٣

پهريون ڇاپو جون ١٩٨٤

Gul Hayat Institute

قيمت ٦٠ رپيا

انجلي پرڪاشن

الهاسنگر-٤٢١٠٠٥

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

# آشيرواد

سونهاري سنڌڙيءَ ۾ سوين شاعر پيدا ٿيا آهن، جن انيڪ وشين تي شعر لکيو آهي. پياري ديال ڪوجنا ڪري انهن شاعرن جي زندگيءَ ۽ ڪاوِيہ بابت عالماڻو ڪتاب ”سنڌي شعر جي تواريخ“ لکي سنڌي ساهتيہ جي اموليہ سيوا ڪئي آهي. ذڪر ڪيل شاعرن مان گهڻا ڪوي اهڙا آهن جن جي ڪاويہ ۾ تصوف ۽ ويدانت جا ڳوڙها وشيہ سمجهايل آهن. آڌيانمڪ ۽ وهنوارڪ لحاظ کان بہ سندن شعر رهنمائي ڪري ٿو.

پياري ديال آشا کي ڌنيواد آهي جو هن جاکوڙ ڪري، رائيون جاڳي ”سنڌي شعر جي تواريخ“ لکي آهي. هن کان اڳ هن پياري ڪيترائي سندر پستڪ لکيا آهن، جن مان ڪن تي کيس پرسڪار بہ مليا آهن. شل پرماتما جي مٺس آسيس ٿيندي رهي جو اڃا ساهتيہ جا وڌيڪ گهڙا ڀري پيهنجي جاتيءَ جو شان بلند ڪري.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

Gul Hayat Institute

Printed by: Shri Madhawdas J. Chhatani (Achhra) at
Shree Geeta Printing Press, Ulhasnagar-3 (Phone: 1016)
Published by: Shrimati Lajwanti Dayal 'Asha' Bk. 1974/6,
Ulhasnagar-5, on behalf of Anjali Prakashan.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڀال آشا ٿي دادا ساڌو واسواڻيءَ جي آسيس سندن اکرن ۾



ماڻ ڪير جو لکي ڏيان؟ تون ديال آشا!

ڪر ديا ھن مسڪين ٿي

تنھنجي راهہ ۾ ٿو ڳائي اڪ روح جنھنجو آواز آھ! آشا!

ٻڌي تنھنجا اکر ماکيءَ کان مٺا

ٿين دکہ دور: ڪليش سڀ وناشا!

وڃين ٿو! وري موت، جلدي موت!

دل ساري توکي ساري: آھين ڪٿي؟ پيارا! منھنجا گھوٽ.

اچي ڏي دکي دلين کي دلاسو! ڏيان ڇا توکي

ٻاٻان توکي حليمي ھار!

آسيس ھئي تولي چمڪي: اُٿار ستل ڀارت کي!

ڏيئي نيمھن نرمل نھار!

پونا ٢٠-١-٦٤ دادا

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پيارو ديال آشا اِڪ وِدوان آهي ، هُن ڪيترن وديا جـو اڀيان ڪيو آهي. ڪيس هندي ۾ Ph.D. ڊگري مِلي، هُن پنهنجو ڪم ڪڏهن نه ٿڪجي ڪري رهيو آهي . سنڌي سماج جـو اِڪ نشڪام سيوادار آهي ۽ ٻالڪن ٻالڪين ۽ نوجـوانن واسطي ڪيس بيحد پيار آهي. پيارو ديال آشا ڪيڏو نه ڪم ڪري ٿو! ڪاليج ۾ پاڙهي، وِدوانن، اڪادمين ۽ پيڙن جي سيوا ڪري، ڪن ڪن سنستائن جي ديکه ڀال ڪري ، هـر روز ستسنگ ۾ حاضر رهي. لڳي ٿو هوندي به وقت ڪڍي ساهتيه جو سرجن ڪري ٿو . سنڌي ساهتيه ۾ ڪاڻو ڪيترو اڳاڻين. پاڻ ڪوي آهـي ، واڳيندڙ آهي. سندس ڪوتائون امڪن سان ڀرپـور آهن. سندس آواز ۾ مِٺاج آهي.

هن سنڌر پستڪ ۾ پياري ديال آشا نه صرف اڳاڻن شاعرن جي شعر جي روشني وِڌي آهي پـر شروع کـان وٺي اڄ ڏينهن تائين جيڪي معروف ۽ مشهور سنڌي شاعر آهن ۽ ڪـي نوان شاعر پڻ، انهن جي ڪلام جي پڻ جاڻ ڏني آهـي . انهن جي شعر و شاعريءَ جي خوبين جو به ذڪر ڪيو اٿائين.

پياري ديال جي شل اِشور جي وڏيڪ وڏيڪ آسيس ڇمڪي جو جاتيءَ ۽ ساهتيه جا گهڻا پرچندو رهي.

جشن واسواڻي

ڪئي آهي ته شاهه، سچل، سامي، بيدل، بيوس ۽ ٻين جي ڪلام جو حض حاصل ڪري اُنجو آنند جهڙا سان ونڊڻ جو ڀارن پورو ڪيو آهي. انهن درويشن جي ٻاڻي جي روحاني ڳجهارتن کي سولي سنڌيءَ ۾ سمجهايو آهي ۽ سندن فدي خواهن جو ٻه مثالن سان ذڪر ڪيو آهي. وقت جي گنجائش آهي جو هن ڪتاب جو مهاڳ لکي نٿو سگهان پر ٻوري ۾ ٿي چوڻ ڪافي آهي ته چند وديا_المڪارن ۽ ٻين شاعري صفحن ڀاسٽ جيڪا اوڪ_بوک ديال آشا ڪئي آهي تنهن تي اللائي گهڻا ڪاغذ ڪارا ڪري چڏيان پر اُها ٻورت ٻه ٻاڻ ڪري چڏي اٿس. ڇهه سو ٻنجاهه صفحن جي هن ڪتاب ۾ هيٺين شاعرن جي حياتي ۽ رچنائن جو مختصر ۽ مانئيدار لفظن ۾ بيان ڪرڻ لاءِ رچي ڪهي ۽ چاهه ڪهي، ڏانءُ ڪهي. مان نٿو سمجهان ته هن ڪامياب ڪوشش ڪان پوءِ ديال مات ڪري ويهندو. جڏهن وت لوچ تنهن وت اورت. لوچيندو رهي، اوڀيندو رهي. هي مقالو سنڌي ادب جي شاگردن جي رهنمائي ڪندو ۽ ڪيئن وڌيڪ کوجنا ڪرڻ لاءِ آماده ڪندو.

پروفيسر رام پنجواڻي

Gul Hayat Institute

گهوڙ سوار ( شهسوار ٿئو چوان ) ۽ ڪوجهيڪ نه فقط جاڳوڙ ڪري هيٺين سنڌي شاعرن جي ڪلامن ۽ ڪاوشن مان چونڊ ڪري انهن موتين جي مالها جوڙي آهي ۽ انهن شاعرن ۽ ڪوين بابت مختصر احوال ۽ سندن واقفيت ڏيئي، سندن درجي بابت به پنهنجا مختصر نوٽ هڻي، اهو شاندار گرنٿ تيار ڪيو آهي، جنهن لاءِ اسان جو ايندڙ نسل ڪيس دل جي اندران ٿهن مان دعائون ڪندو ۽ وقت ايندو، جڏهن ننڍا وڏا، نوان پراڻا سنڌي اديب ۽ شاعر ۽ تعليمدان ۽ سنڌيت جا شيدائي هن ڪتاب مان چڱو حظ حاصل ڪندا ۽ قدر شناسيءَ وچان سندن زبان ازخود بولي وهندي.

”دلال! توکي لک شاباس هجي جو اسانکي پنهنجن شاعرن ۽ ڪوين سان هن نموني هڪ ئي هنڌ ملاقات ڪرائي، تو سنڌي ادب کي ايشڪ مالامال ڪيو آهي ان ۾ اهو اضافو آندو آهي جو توکي سلام ڪرڻ کانسواءِ پاڻکي روڪي ئي نٿو سگهجي.“

ارجن سڪايل
جون ١٩٨٤

اي ٧٠٠ - هيرا باري چونڪ
نيتاجي هاءِ اسڪول جي پٺيان
الهاس نگر - ٥

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

# شعر ۽ شاعري

شعر ۽ شاعري خدائي ڏات آهي ، جنهن کي ڏئي عطا ڪري ! شعر الهام آهي . اُهائي سچي شاعري آهي جا اندر مان اُچل ڏيئي ٻاهر نڪري ۽ ٻوٽ دلين کي سرسبز ۽ شاداب ڪري . اِنسان جي مَن ۾ وقت بہ وقت ڪيترائي اُمنگ، احساس ۽ اُڌما پيدا ٿين ٿا . هو زندگيءَ جي جدا جدا حالتن مان لنگهي ٿو . ڪڏهن خوشي تہ ڪڏهن غم، ڪڏهن دنيا جي بيوفائي تہ ڪڏهن وفاداري ، ڪڏهن اُلفت تہ ڪڏهن ڪلفت ، ڪڏهن دوستي تہ ڪڏهن دشمني ، ڪڏهن اونده تہ ڪڏهن سوجهرو ، ڪڏهن اُميد جي آفتاب جو ديدار ڪري ٿو تہ ڪڏهن ڪارن ڪڪرن ۾ ڇپيل ماهتاب ڪري مايوس آهي ، ڪڏهن مظلومن مٿان ظلم ٿيندو ڏسي سندس دل ۾ ظالمن خلاف جوش ۽ جولان پيدا ٿئي ٿو تہ ڪڏهن حريفن جون حرفتون ۽ سرمائيدارن جا ستم سندس دل ۾ بغاوت جي باهہ ڀڙڪائين ٿا ، ڪڏهن محبوب جو مُکڙو ڏسي اندر ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ٿئي ٿي تہ ڪڏهن اُنجي فراق ۾ لڙڪ لاڙي ٿو . ڪڏهن مجازي عشق جي لطافت تہ ڪڏهن حقيقي عشق جي روحاني راحت ، ڪڏهن ڪنهن وڏا جا ڳوڙها،

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

[illegible]

... سورٺي ۾ هڪ ... جي نمنا جو اظهار آهي. شاعر
... ڇهين صديءَ ... جي ڇيڙي تي ... خواجه
آهي. هن مسدس معشوق تي ... ڪري مٺا ٻول ٻولي
... ۹۱۰ هجريءَ ۾ ٿي
... هڪ بيت ... مان خوار جي ...
... طرح مسدس هيٺ ڏنل بيت مان شاعر

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com 



جي ڏوڪ ۾ رهندو هو. جڏهن ڄام تماچي ۽ سندس فرزند قيد مان آزاد ٿيا، تڏهن نوح هوٿياڻيءَ هيٺ ڏنل بيت چيو:

جوڙو وڃي ڇهوري ڇاڙيو،
ڄام تماچي شهرين چاڙهيو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“ ۾ ٻيو تاج الدين جو هڪ دوهو ڏنو آهي، جو سندس خيال موجب سمن جي دؤر جو آهي. جنهن ۾ سرائڪي لفظن جو استعمال ٿيل آهي.

هيٺي وکري سو وڃ نہ ڪيجي، ڪيا ليجي ڪيا ڏيجي،
ماڻڪ چوڙي، وڃي ڪچ وڻجن، تن سان وڃ نہ ڪيجي.

هي دوهو نصيحت آميز آهي. ان ۾ ’ماڻڪ‘ سچ جو ۽ ’ڪچ‘ ڪوڙ جي نشاندهي ڪن ٿا. ان زماني ۾ بہ شاعر انهن علامتن جو استعمال ڪندا هئا. تنهن مان سندن علمي لياقت جي ڄاڻ ملي ٿي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com
Page # 44



سنڌ ۾ شايع ٿيل ”تعليم“ اخبار ۾ ماموئي فقيرن جا ست
بيت هيٺئين ريت ڏنل آهن :

(۱) هاڪ وهندو هاڪڙو پڇندي پٽ اروڙ،
پهه ميٺي ۾ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي.

(۲) زالن مٿي ٻه چوٽي، مڙسن مٿي وار،
ٻاروچاٽا ٻـار، ٽڪي ٿي وڪامندا .

(۳) ستانوي سٽ چوڙسي، اٺانوي هٽ ٽار،
نوانوي نر جاڳسي، سؤ ۾ ٿيس جهڪار .

(۴) الله حسبي ڪلهوڙن ڪـان ڪسبي ،
ٽالپرن کي ڏسبي، تهان پـوءِ پسبي .

(۵) نيلو گهوڙو نقرو اوياڙون ايندو،
نيلو ٽالپرن جو گهوڙي سو نيندو،
تهان پوءِ ٿيندو، طبل تاجاٽين جو .

(۶) لڳندي لڙائي سونڊو سري ڪان ٿيندو،
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي تو کي
فنداورون جو ڪو .

(۷) نگر جي آڏار، جم و پهچا ماڙهئا،
پراڻا پرار، نوان انجو نجهر .

Gul Hayat Institute

پهريون بيت ٻنهي پڙهڻين ۾ ساڳيو آهي . باقي ڇهن بيتن ۾ خيالن ۽ لفظن جي قير قار آهي . پـر انهن بيتن ۾ ٻـ اڳڪٿيون ٿي ڪيل آهن . اهي ماموئي فقير اولياءَ هئا ۽ نـ رواجي فقير، جو اڳتي هلي سندن اهـي بيت سورهن آنـا صحيح نڪتا . انهن بيتن ۾ ڪي دوها نه ڪي سورٺا نـ ڪو وري دوهو - اڌ سورٺو نه ڪو اڌ دوهو اڌ سورٺو آهي .

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

# سنڌي شاعر ۽ سنڌي شاعري

## قاضي قادن

قاضي قادن پنهنجي دؤر جو اعليٰ ترين شاعر هو. ڪي عالم ڪيس قاضن جي نالي سان سڏين ٿا. هي صاحب سنڌي شعر جي عمارت جو نقش نگار هو ۽ اُن جي پيڙهه جو پٿر به هن عالم ئي وڌو. هن شاعر سمن جي صاحبيءَ ۾ سنه ۱۴۶۳ع ڌاري سنڌ جي تواريخي شهر بکر ۾ قاضي ابو سيد جي اڱڻ کي آباد ڪيو. قاضي قادن جا وڏا اصل اُچ جا ويٺل هئا. پوءِ هو سيوهڻ ۽ ٺٽي ۾ اچي رهيا. قاضي قادن جي پرورش ۽ پڙهائي به بکر ۾ ٿي. هي ننڍپڻ کان ئي تيز فهم هو. اڳتي هلي هي عالم ۽ فاضل شخص ٿيو. ڪيس قرانمجيد ۽ فرقانحميد ياد هوندا هئا. هي صاحب سيد محمد جونپوريءَ جو مريد ۽ معتقد بڻيو. سمن جي صاحبيءَ ۾ ئي پنهنجي قابليت سبب قاضي مقرر ٿيو. هي خدا ترس شخص هو. پنهنجا ڏنل فيصلا ڏاڍي سياڻپ ۽ دريافت سان ڪندو هو.

سنه ۱۵۲۰ع ۾ سمن جي سلطنت ختم ٿيڻ کانپوءِ سنڌ ۾ ارغون حڪومت قائم ٿي. شاهه بيگ ارغون، جنهن سنڌ ۾ ان جو بنياد وڌو، سو ٻن سالن کان پوءِ راهه رباني وٺي ويو. جنهن بعد شاهه حسين ارغون حاڪم بڻيو. شاهه حسين، قاضي قادن کي بکر ۽ اُن جي پسگردائيءَ جو قاضي مقرر ڪيو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


قاضي قادن صاحب پنهنجي دؤر جي پاکنڊي مولوين ملائن لئي به طنز ڪئي آهي:

مکڻ مڪي اُن کي ملان ڪٺي ڪين،
پيچ ڪڍهن پئي تن کي، هو جي رب گهرن.

شاعر کي مسڪينن لاءِ محبت ۽ هيڻن لاءِ همدردي آهي. ملان مولوين کي مخاطب ٿي شاعر چوي ٿو ته اوهين ته خوب مکڻ واريون ڪٺيون کائو ٿا. ڇا ڪڏهن اوهان غريبن جي به سار لڌي آهي؟ جيڪي رب (پيٽ) ڪاڻ لاءِ منتظر آهن.

قاضي قادن پاڻ قاضي هو مگر پاکنڊي قاضين کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

قاضي ڪت م اٿرو، مت ڪيرو ٿئي اهر،
پلا ٿيندو پوٺلي، مٿي ڪيندو ڪير.

قاضي قادن جي ڪلام ۾ ڪيترائي نصيحت آميز نڪتا آهن، جي وهنوار توڙي روحاني راهه لاءِ ڏاڍا ڪارگر آهن:

ڏنئين پاڻ وَ ڪاڻ ڪون، جيپ تنهنجي وات،
وڏي خالق نه گهرنئين، ڪرين ٻاڙي ٻات.

......

سچي سائين ساڻ تون م ڪر ڪوڙي ڪوڙيان،
جي لو منجهه هنيائون، ورو سپو ڪلي پرڪٽو.

......

عادت وڃيئيس نا، عادت ڪڏهن نه جاءِ،
اُن ڪٽڪئه چڏيئه، چڻ جو اسا ڪاءِ.

.......

ستو سچي رات، مهه پڪي مٿن جيئن،
نه لو سنبل ٿاٽ، نه جهوري تو آهه ڪا.

......

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.
Gul Hayat Institute

www.drpathan.com


سچ اِهسارا سامهون، سڀني سچ سهڻ،
سڀني مشڪل ٿو ڏسڻ، سڀني سرب ٿو ڏسڻ.

......

سچ سمنڊان سر جهڻ، ڪو، ڪڪڙس ٿيڻ،
جڏهون، ڪنڌهون ڪوڙ ڪي، ڏٺو سچ سراءِ.

......

قاضي قادن نــه صرف ويچار جي لحاظ کان پر ٻين سنڌي شاعرن کان اڳڀرو آهي، مگر شعر جي هيئت جي خيال کان به هن سنڌ ڪوين جيان دوها ۽ سورٺا لکيا آهن جن کي سنڌي عالمن ابيات سڏيو آهي:

دوهو: جي لوڙي ڪي نه لهان، لوڙي ڏي لڏو،
لوڙي ڏسڻ سهڻي، اڀان تل نــه ڇڏو.
جان پاڪان جــو پدرو، پدرو آءُ سڏ،
مون هينڙو تان ڪيو سوريان سون ڪڏ.

سورٺا: سور جڏهون ڪي هوءِ، ليهان لــهي آيو،
ڪاڳي ڪوءِ ڏنوءِ، ڏانها ڪندو سور ٿي.
ڪڏهن ٻيري ٻوڙ، ڪڏهن ٿل نه ڪڙو،
ڪڏهن پرين جو پوُر، ڪڏهن ڪان سڏ ڪي.

اڌ سورٺو اڌ دوهو:
سپيتي سيل ٿيام، پڙهتاڻ جي پاڻ الٽ
اکر اڳيان اُپري، واڳو ٿــي ور ٿام.

قاضي قادن ڪٿي ڪٿي ڏيڍ دوهي يــا هڪ دوهي اڌ سورٺي جو استعمال ڪري ڪاويه جو نئون روپ ٺوڙيو. جنهن کي بيت سڏيو ويو:

ٿون آڌار سڌار ٿون، ٿون اڌائون اڌ،
ٿون ئي اڪڙين مون، ٿون ئي اندر هڌ،
ڳل لڳي ڳالهه چوان، ڪيهي حاجت سڌ.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

قاضي قادن جي ذهن ۾ سنڌ ۾ جيترو ٺيٺ عربي ۽ فارسي ۽ جو زور هو ۽ شاعر قاضي قادن پاڻ به عربي ۽ جي ڄاڻ رکندڙ هو، پر ان هوندي به هن صاحب سنڌيءَ ۾ ئي ڪلام چيو آهي. سنڌي شعر ۾ نسبر، هندي ۽ سرائڪي لفظن جو استعمال ٿيو آهي:

سوني سوپ نه لوڙيان، جي لوڙيان ته لڪ
ڪاڙ ڪالي اڪرن مڻ واچيندا اڙ وڌ و
د ر پورا گرو سي گهران ...
ماڻڪ اهه سر پاڙ چڳي ...

قاضي قادن جي ڪلام ۾ سوياويڪ نموني تشبيهن جو استعمال پڻ ٿيو آهي:

لائي لام الف سان ڪاتب لکين جيئن،
مون هنيڙو پريان سان لڳو آهي تيئن.
......
جان جان پريان نه مڙء ان ڪانيءَ جيئن ٻال.
......
ستو سڀي رات، مهه ڀيڪي مڻ جيئن.
......
جيئن قتڙ ساهه ۾، ائين عيد نماز.
......

قاضي قادن جي ڪلام ۾ پرتيڪن (اُهڃاڻ (Symbolism جو پڻ پربوڪ ٿيو آهي:

پسندا سيڻي، ماڻڪ اکڙين سين.
هن مصرع ۾ 'ماڻڪ' آلما جو اُهڃاڻ (پرتيڪ) آهي.
هن سر سندا هنجڙا الي ٿي آهين ...
هن مصرع ۾ 'هنجهڙا' (هنس) اُتم پرش، سنت، گروءَ جو پرتيڪ آهي.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com


تجنيس حرفي :

مجازي ۾ مت ڪر اکيون اي ۾ قبر .

......

ڪاٺياريون کي ڪن عمر اڇا ڪپڙا .

تشبيهه :

ڏکين ذات پٺو، هيندڙولهه سنداڻ جيئن.

......

پاڻيءَ اُتي جهوڀڙا موڪ اُج مـــرن،
دانهون ڪن مڻن جيئن، دم نه سڃاڻ .

......

پاڻيهاري سر ڀڙو، جر تي پکي جيئنءَ،
اسان سڃڻ تيئنءَ، رهيو آهي روح ۾.

......

## مخدوم پير محمد لکوي

مخدوم پير محمد لکوي اصل ٺٽي جو وينل هو. پوءِ سکر ضلع جي لــکي ڳوٺ ۾ اچي رهيو. سندس تولد ٿيڻ جـــي تاريخ ۽ سنه ڪو نه ٿو ملي. باقي سندس وفات سنه ١٠٩٠ع ڌاري ٿي. پيرصاحب درويش ۽ عالم هو. سندس ڪيترائي مريد هئا. ڪيس شعر و شاعريءَ جو شوق به هو. هـن صاحب سنڌيءَ ۾ گهڻيئي شعر چيا هوندا! مگر سندس هڪ ئي نظم دستخط جي صورت ۾ دستياب ٿيو آهي. ان مان سندس شاعراڻي قوت جي چاڻ پوي ٿي :

اي صبا جا واءَ صبوح خاطي خير هئاءَ
تون ريبارو رحمان جـــو ۽ قاصد قريباءَ

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪارگر آهن. سندس بيتن مان شاعر جــي فيلسوفاڻن خيالن ۽ روحاني منزل جي پروڙ پوي ٿي. ڪي بيت پيش آهن:

شمع آڳج پاڻ سين هئن ۾ ٻاري،
ڪر سعيو انهيءَ سڌ جو ويهه ۾ وساري،
ڪبر ڪيد قلوب مان مروت سان ماري،
ته هجي سدائين سوجهرو دائم تو ڌاري.

جن سفر سانيو سي ڪن سفر جي سار،
اُت ڳڻي ۾ گهڻ جو وڃي ٿو وڻجار،
وهائڻ جووڃلو انيءَ پندا پڻ سفرجو سار،
سانيڙا سمجهه تــون اِها تند تنوار.

شاعر مذهب جي قاعدن پاڻان جي تائيد ڪندي انهن جي نتيجي جو به ذڪر ڪري ٿو:

وهاءِ ڙي ويلو تــي، اُئي پندا جاڳ،
جنهين محمد مڪيو سدا تــن سهاڳ،
احساني عثمان چــوي پريو لنجو پاڳ،
ڪلمي جي قرار سين لطفون لهندا لاڳ.

شاعر عثمان احساني صاحب جي بيتن ۾ خيالن جي پختگي آهي. سندس بيتن ۾ نيٺ سنڌيءَ جــو استعمال ٿيل آهي. تجنيس حرفيءَ جو پڻ چڱو استعمال ٿيو آهي. سندس بيتن ۾ سلاست ۽ صداقت آهي. هي صاحب پنهنجي دؤر جو ممتاز شاعر ۽ سچو درويش لڳي ٿو.

## سنت دادو ديال

سنت دادو ديال سورهين عيسوي صديءَ ۾ راجستان ۾ ڄائو. سندس هندي واڻي ڪافي مشهور آهي. هن صاحب

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ڪوي سالڪ کي پرماتما جو آتي ٻڌڻ ۾ ڪرڻ جي صلاح
ڏيندي چوي ٿو:

آهر ويلا اُٿڻ جي، اُٿين روحين جاڳڻ وانگ،
اُتي ور عرش جي، کوڙ ڪري مڙون ڪانگ.

سالڪ کي گهرجي ته هو سڀ ڪجهه پرڀوءَ جي چرڻن ۾ سمرپڻ ڪري. ڪوي پرماتما ۽ ايشور کي پرارٿنا ڪندي چوي ٿو:

سڪائين ٿو سڪان، مون ۾ سڪڻ نه ڪين،
رُڪ هوندس لهري حال ۾ آئين رڪندا جين.
پرسائين نه پرسان، مونکي مون مدجهان ڪين سريو،
سڀ ڪالهون آن جي هٿ ۾ جاٽي لٽين ڪريو.

ڪويءَ پرماتما جو درشن ڪيو. هن انهن محسوس ڪيو ته ارهم سندس دل جي رڳن کان به کيس ويجهو آهي. ان جي پراپتيءَ لاءِ ٻاهر ڪرڻ جي نه ضرورت ڪين آهي:

سو ٻاڻ ڏيکاري ڏُکم، ٻيٽو ڪوئي نه رکي هند،
سڀي رک سي ڏيکاري اوڏڙو، ڪٿ ڪرني ٻيٺو نه پند.

پرماتما جي ڪوتا ۾ ورڻن آهي:

سڪان سڏان ڏيدار کي، ويهي سنڌ ڪي ڳال،
مون وجود ناسوت ۾، لون ڏٺي ٻقا نور جمال.

هن دوهي ۾ صوفين جي شبداولي وجود، ناسوت، نور جمال جو استعمال ٿيل آهي. ڪوي پرڀناٿ جي ڪن دوهن ۾ اُتر سري واري سنڌي، نه ڪن ۾ لاڙ جي سنڌيءَ جو لهجو آهي، ته ڪن ۾ وري ڪڇي اپ ڀاشا جي جهلڪ ملي ٿي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

رضوي صاحب کي ٽات جوڳين جي صحبت جو نصيب ٿي هئي. اهڙو اشارو سندس بيتن ۾ ملي ٿو:

جوڳي ٽليس ٽه وير ٽات ٿي، ٽالو ڳَن م جوڳ.

هڪ ٻي بيت ۾ گرو گورکنات جو ذڪر آهي:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

گروءِ جواب ڏنو، ”تون ۽ اُهو ئي آهين.“ شاهه ساڳيو ئي خيال پيش ڪندي چوي ٿو:

”پاڻهين جل جلاله، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سڀوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿيو.“

شاهه لطيف ’وحدت الوجود‘ جي تائيد ڪئي آهي. ويدانت ۾ ’ايڪو برهم دوتيه نه استي‘ سوتر ۾ ساڳيو خيال سمايل آهي. شاهه لطيف چوي ٿو:

”سو هي، سو هو، سو اجل سو الله،
سو پرين سو پساهه، سو ويري سو واهرو.“

......

سو پکي سو پڃرو، سو سر سوئي هنج.

شاهه لطيف جا فيلسوفاڻا خيال هندن ٻيئن ۾ ظاهر ظهور آهن. ٻنهي ۾ ڏاڍي ڪي ڪي جدا هستي سمجهن ٿا مگر شاهه لطيف جي ويچار موجب سڀ هڪ اوست آهي. اِهو خيال پيش ڪندي شاهه صاحب چوي ٿو:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هُئا اُڳهين گڏ، پڌر ۾ ٻه ٿيا.

ويدانت سوتر ’اهم برهم اسمي‘ جي جهلڪ ۽ شاهه جي شعر ۾ ملي ٿي:

”اسين سڪون جن کي سي ٿان اسين پاڻ.“

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سالڪن کي سهڻيون صلاحون ڏنيون آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان سالڪ، مالڪ سان وڃي ملندو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


هل هنئين سان هوت ڏي، ڀيرين ڀڃ وسار،
قاصدائي ڪار، ڪين رسائي ڪيچ کي.

......

اکيون اُهي ڏار جنهن سان پسين پر کي،
اِي ڏي ڪين نهار، رانجهن ريسائو گهڻو.

.......

هيڪر هٿڙ ڇڏ نہ اوڏي ٿئين عجيب کي.

روحاني راهہ ۾ عقل جو ڪم ڪين آهي، سائينءَ وٽ سياڻپ نہ هلندي. شاهہ لطيف تنهنڪري سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

الا ڏاهي ۾ ٿيان! ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون ٻرين، ٻورائيءَ ۾ پال ڪيا.

روحاني راهہ جي راهگيرن کي خاڪساري اختيار ڪرڻ گهرجي، تڏهن ئي هو ٻرينءَ جو پيار حاصل ڪري سگهندا. شاهہ لطيف چوي ٿو تہ ٻاهرين هار سينگار سان دلبر جي دل هٿ نہ ڪري سگهبي؛ حليمائيءَ سان ئي هوت کي حاصل ڪري سگهبو.

سيئٽي سهاڳڻيون، سينئي ڳڀيءَ هس،
پسڻ ڪاڻ ٻرينءَ جي، وڌا ڪيائون وس،
ٻ ول لنئين جي ڳس، هيٺانهيون هلن جي.

عاشق کي نهائين جيان عشق جي آگ جي ٻاڦ ٻاهر ڪيڻ نہ گهرجي.

نهائينءَ ڪان نينهن سک مڙهنڊا سهرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

روحاني راهہ ۾ وک وڌائڻ لاءِ تواهہ ۽ تـوڪل ضروري

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com




آهن ٽنهنڪري شاهه لطيف سالڪ کي تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

سپيڻي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم،
ئي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو.

......

ڏيئي توڪل ٽڪيو آرِ لنگهيا آسان.

......

تو ٻيهر جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

”لوڀ جي تاثير سان تري ويا طوفان“.

شاهه لطيف کي فراق ۽ سوز و درد جو شاعر سڏجي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪين آهي. سوز ۽ درد سندس سٽ سٽ ۾ سمايل آهي. ڀاڻ آکي ٿو:

جيڪي فراقان، سو وصلان نه ٿئي.

وره جي واٽ تي هلندي ئي شاهه محبوب جو مشاهدو ماڻيو:

سڙ سڪن ڏيئي، وره وهايم هيڪڙو،
مو نکي ننهن نيئي، پيرين ڏيکاريو ٻرين جو.

سالڪ جي محبت ۾ سالڪ جون رڳون رباب وانگر وڄن ٿيون:

رڳون ٿيون رباب وڄن و ڀل سپڪنهين.

عاشق ٻيهر جي بيماري ۽ محبت جي مرض ۾ مبتلا رهڻ پسند ڪري ٿو نه جيئن ان ٻهاني سندس سڄڻ اچي ساڻ لهن؛ هو حڪيم کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

ويڄ م ٻڪي ڏي! الا چڱي م ٿيان!
سڄڻ مان اچي ڪري لاهو ئي ڪڏهن.

شاهه صاحب وره کي موڙي روپ ڏيئي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

وچج ۾ ويل ڪنهين وره! مون وٽان ء.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com



اکڙين کي ڀرڻ پسڻ جي ڪهڙي نه اُڪير آهي! زار زار لڙڪ لاڙين ٿيون. شاھ لطيف ڀنڀوري احساس جي حقيقي تصوير پيش ڪندي چوي ٿو:

اڄ پڻ اکڙيـن سڄڻ ڀنڀوڙا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون ڌدون اس نه ڪن!
سنڌي سڪ پرين، اوڪ ڏئي تان نـه لهي.

......

سنڌڙيءَ تان سوڙ، ساماڻيس سڪ ويا،
اهي اٿي پور، تماڻي نصيب ٿيا.

شاھ لطيف وطن دوست هو. ساڻيھ سنڌ لاءِ سڪ سندس بيتن مان بخوبي ظاهر آهي. هو ڀنڀوري وطن کي سرسبز شاد ۽ آباد پسڻ لاءِ سارنگ کي التجا ڪندي آکي ٿو:

سارنگ! سار لهيج، الله لڳ اُڀجن جي،
پاڻي پوچ پٽن پر، ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج، نه سنگهارن سڪ اٿي.

شاھ لطيف عالمگير شاعر آهي. هو سڄي دنيا جو خير گهرندي ڏٺي ۽ ڏر سونهاري سنڌڙي لاءِ سڪر جي منفق ڪندي چوي ٿو:

سائيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوس! منا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

سڄي جهان لاءِ خير گهرڻ کان اڳ پنهنجي ساڻيھ لاءِ دعا گهرڻ شاھ لطيف جي سوياويڪ حب الوطنيءَ جو ثبوت آهي.

اڄ به ڪيترا وطن کان وڇڙيل، ظالمن جي بند ۾ باندي، مارئيءَ وانگر ساڻيھ سنڌ لاءِ واجهائيندي شاھ صاحب جو بيت جهونگارين ٿا:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ساز سارنگيون، سرندا، وڄائي ٻرچنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون راڳ پڌام ٿي.

......

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٿيون ٿڪن ٿاريون.

سر سهڻي ۾ درياهه جي دهشت جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

دهشت دم درياهه ۾ جت ستاڻا سيسار،
ٻيحد پاڳو ٻحر ۾، هيبتناڪ هزار،
ساريان ڪان سرير ۾، طاقت توهان ڏار،
ساهڙ جام ستار! سگهو رسج سير ۾.

هن بيت پڙهڻ سان نه صرف درياهه جو خوفناڪ نظارو اکين اڳيان ڦري ٿو مگر سهڻيءَ جي عاجزيءَ واري تصوير جو تصور به ڪجي ٿو.

شاهه صاحب مڪروهه نظاري کي به ڪهڙي نه سهڻي انداز سان پيش ڪيو آهي:

ڪانڌي ڪنگ ٿياس، وهڻ جنازو سهڻي،
ٻگها جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏناس،
اکيئن ملڪ ڏناس، تو من ڪابو مهيار ڏي.

شاهه صاحب جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جو شاندار خزانو آهي. شاهه لطيف جي شعر جي سنڌي سندس زماني جي ٺڙ سنڌي آهي. باقي جن بيتن ۾ هن صاحب، قرآن شريف جون آيتون استعمال ڪيون آهن انهن بيتن ۾ واسطيدار عربي فارسي لفظ ڪم آندل آهن.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


ان دوهو ان سورٺو:

سب ٺڳيون ٺي ٺڪرو، لالچ ڇڏي لوڀ،
سوريان سڀن سوڀ، نڳيون ڪنڌي نه ٿئي.

هڪ دوهو ان سورٺو:

اي گت غواص، جڻن سمنڊ سو جهياٺون،
ٻيهي منجهه پاتار جي ماڻڪ ميڙياٺون،
آڻي ڏناٺون، هيرو لعل هت سين.

هڪ سورٺو - ان دوهو گڏيل:

وکر سو وهاء جو پٽي پراڻو نه ٿئي،
و ڀيڻدي ولات ۾ ذرو ٿئي نه فضاء،
سا ڪا هڙ هلاء آڳهه جنهن جي ايٽين.

هن بيت ۾ پهرئين ۽ ٽئين مصراع سورٺو آهي ۽ وچين مصراع دوهي جي آهي.

دوهو - سورٺو:

پران مان پڄاڻ، بندر مون ڏور ٿيا،
نه مون هڙ نه هنج ڪي، جو آئون ڇڏي ڇڙهان،
ايهين ڪج پاتڻي! جنهن پر پريئ مڙان،
ڪارون ٿي ڪريان، ٽو در أيڙي ناڪيا!

هن بيت ۾ پهرئين ۽ چوٿين مصراعون سورٺي جون آهن ۽ ٻي ۽ ٽين مصراعون دوهي جون آهن.

شاهه لطيف گهڻو ڪلام سماع هلندي چيو آهي. هن قلم ڪٽي ڪلام ڪين لکيو. تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو ته مصراعن ۾ ماترائن جي گهٽ وڌائي هجي. شاهه صاحب وايون - ڪافيون به چيون آهن، جي موسيقيءَ جي لحاظ کان اهميت واريون آهن.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


شاهه صاحب جــي ڪلام ۾ لفظي صنعتون چاهي معنوي صنعتون سهج روپ ۾ سهڻي نموني استعمال ٿيون آهن.

تجنيس حرفي:

ڪم ڪمند ن ڪٽيو هارايو هــوڏن.

......

سهسين سيبا ڪنجري لوئي ليڙون ليڙ.

......

ڏاڱهن ڏيرن ڏونگرن ٽنهي ڏنم ڏک.

تجنيس تام:

ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو.

......

سڪ سڪائي سڪ، سڪ نہ آهي سٽڙي.

ورڻ مٽتري:

اٽڪيا سٽيا نہ ڪري سونهن وڃايس سور.

مينهان نينهان، ٻئي اکر هيڪڙي.

ورڻ سنگتي:

جي اوڻ لڳين لا ٿين، چڙي چڙي چم.

تشبيهہ:

جئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڊيرن، تئن مون من مارئڙن.

......

دل ڪر درخت جي دستور.

......

سڀ سمنڊين سهڻي نـديءَ پيي نہ نير،
جئن هوءَ ابر آسري، تئن مون من ملير.

......

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com




شاهه صاحب جي ڪلام ۾ شرنگار رس ( سنيوگ شرنگار، ويوگ شرنگار ) ۽ شانت رس مکيه آهن ۽ وير رس پڻ موجود آهن.

سنيوگ شرنگار:

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٺن ويس،
چوڙا نيل قليل چنبيليا، ها ها! هو! هميش،
پسو سونهن سيد چئي نينهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آڙ اکر نه اُجهي.

......

موهل کي مجاز جا اکين ۾ الماس.

......

ڪٽي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

ويوگ شرنگار:

شمع پاريندي شب، پره پاڪون ڪيئيون،
موٽ مران ئي ميندڙا، راتا ڪارڻ روب،
ڏنهنجي ذات طلب، ڪانگ اُڏايم ڪاڪ جا.

......

پسي ٿو شڪون ٿڪيا، سيڻئي وهاڻا،
پسيو هنڌ پڻي، هنئون، جي حبيبن هاڻا.

رقابت جو جذبو هر شخص ۾ فطري آهي. شاهه به پنهنجي خيال دبائڻ جو پورنگه نه ڪندي محبوب کي مخاطب ٿئي ٿو:

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com




اکين م تي ويهه، نه آئون واري ڍيکيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه، آئون نه پسان کي ٻيو.

......

آئون نه ڳڌي ٻرينءَ کي ٻو يون ٿيو ٻساهه،
سکان ٿي سکرات م رويو ٻچان راهه،
شال م وڃيم ساهه، ذاران پسڻ ٻرينءَ جي.

......

سر نسريا پاند، اُتـــر لڳا آءَ ٻرين،
مون توکارڻ کاند! سهسين سکائون کيو ن.

......

جي جيءَ کي جيئارين سي لاهوتي لڏي ويا.

ويرُ رس:

سورهه! مرين سوب کي نه دل جا وهم وسار،
هڻ پالا، وڙهه پاکرين، آڏي ڍال م ڍار،
مٿان تيغ ترار، مــار تـــه متارو ٿئين.

......

کامل کر بـــلا م آيـا جنگ جـوان،
ڌرٽي ڌٻـــي، لرزي، ٿرٿليا آسمان.

Gul Hayat Institute

شانت رس:

ٻريان سندي ٻـــار جي مڙيئي مناٿي،
کانهي کڙائي چکين جي چيت کري.

......

تون حبيب تون طبيب، تون ئي دڙن دب،
تون ڏئين تون لاهين، تون ئي هادي رب،
آهم اي عجب، جڻن وارئو ويچ وهارئين.

......

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

جئن سي ڪڪر اُڀ ۾ لڳن آڪميون آهن .

......

وهسن واڙيءَ ڦل جئن محبتي مچ لاءِ .

شاهه صاحب پنهنجي اُن ماحول ۽ پسگردائيءَ وارن لفظن مان نه رڳو ن تشبيهون استعمال ڪيون آهن .

استعارو :

جن کي دور درد جو، سبق سور پڙهن،
فڪر فرهي همت ۾، مات مطالع ڪن .

......

ڪيو مطالع مون، هوءَ جو ورق وصال جو .

......

نيڻ نه لهي نيڻهن جو، ڪا جا لهي ويا .

مبالغو :

ڏرتي ڏيئي، لرزي، ترٽليا آسمان .

......

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٺ مرن کي، ڏونگر پون ٿري،
وڃن وڻ ٻري، اوير اُڀري ڪين ڪي .

پرتيڪ :

اڄ آڳڙيا آئيا، ساڻوڪي سچاڻ،
لاهيندا مور پاڻ، ڪريندا پڌرو .

هن بيت ۾ آڳڙيا مرشد جو، موريائي قلب جي ڪٿ جو ۽ ڪو ست چت آنند روپ آتما جو پرتيڪ آهي .

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ٻنگي چڙهي ڇڪباس، مٿن اڪ نه اڀهي،
جنهن ول ڳهڻ وڌئيا، اُن سين آر لڳياس.

هن بيت ۾ ٻانگو مس جو، اڪ ۽ ول دنيوي پدارٿن جو
ترنيڪ آهن.

شاهه صاحب جي ڪيترن ئي بيتن ۾ لڪشڻ شڪتي آهي.

مثال:

ڪابو ڪمابوءِ، موني مون نه وڻيا.

هت ڪابو جي اڪشٽڪ معنيٰ ڪڪرو آهي ۽ مونيءَ جي
اڪشٽڪ معنيٰ سنگرو.

ڪرهو ڪر سڄاڻ، ليڪو ۽ ٻانهنجو.

هن مصراع ۾ ڪرهو اڪشٽڪ ارٿ ۾ استعمال ٿيل آهي
جنهنجي معنيٰ آهي جيو آتما.

ڪاني رڪ ڪلاهه، وجهه اچلي آڳ ۾.

'ڪلاهه' لفظ جي معنيٰ 'ٽوپي' آهي پر هت اهو لفظ
اڪشٽڪ معنيٰ ۾ ٿي سونهين ٿو جنهن جي معنيٰ آهي 'موهه'
يا 'ترشنا'. سالڪ کي موهه ۽ ترشنا جو لباس ڪرڻو آهي.

سڀ ننگيون ٿي نڪرو، لاهي چڏي لوپ.

هن مصراع ۾ ننگيون جي معنيٰ اگهاڙيون ٿيڻ آهي مگر
جن جوءِ يا ترشنائن جو لباس لاٿو آهي ان ارٿ ۾ "ننگيون"
لفظ استعمال ٿيو آهي.

وينجنا شڪتي:

منهن نه موسيٰ جهڙو، عادت ۾ ابليس.

......

ويا مور مري هنج نه رهيو هيڪڙو.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com 



ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو،
اُن جي، عبداللطيف چئي، مٺيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آڳه اچيو اُن جي.

شاهه صاحب جي بيتن جي ڪي مصراعون اڄ پهاڪي طور مروج ٿي ويون آهن، مثال:

هر هر هرائي وڃڻ در دوستن جي.

......

ڪم ڪمندن ڪئيو، هارايو هوڙن.

......

سڌين سيڻ نه هون، نينهن نباهي نه ٿئي.

......

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري.

......

پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي.

......

لٿيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ناهي ويل وهڻ جي.

......

ذات نه آهي ذات ٿي جو وهي سو لهي.

شاهه عبداللطيف پٺيان ٻيءَ جا ڪيترائي همعصر شاعر هئا، جن جو تمام مختصر ذڪر ڪجي ٿو.

**سليمان:** شاعر سليمان، فتحپور تعلقي دادوءَ جو ويٺل هو. ذات جو چارڻ هو. هن صاحب سنڌيءَ ۾ بيت چيا آهن:

ڪيسر لڪي ڪامڻي، نيڻا نين ڪرنگ،
جلوو جوين روپ جو ماهه ڪڙيو سر گنگ،
ڪنگو ڪوڏ ڪرائيو، پرڻن پو نر پو نگ،

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

وات ارڙي ور گهٽا ۽ پنڌ اڻانگو،
سو نهون شامل جن سين، تن سهنجو سڻانگو،
اکين ڏسن نه ’عيسو‘ چوي، رهه ۾ رج راڻو،
پاڳان محب ميڙانو، تن ويندي وات ڏٺي.

شاعر مرشد جي اهميت پڌائيندي سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

کو ڏوري لهه ڏيهه مان حڪيم حاذق ڪٺائي،
جو نشتر سين نگاهه، ڪري پرده کليڙئي.

جيءُ مايا سان ناتو جوڙي مالڪ کي وساري ويٺو آهي. انهن هوءُ پنهنجي زندگي برباد ڪري رهيو آهي. تنهنڪري شاعر تاڪيد ڪري ٿو:

الف اور الله سين جل لا پيو ان ڏيئي،
تو ڳڌجين غير سين عمر سڀ ويئي.

ذات تعاليٰ جو سدائين وينو سين جي سار لهي، اسان اُن کي ڀلائي مايا ۾ پنهنجي پيا آهيون. شاعر نفس ۾ جڪڙيل جيءَ کي بيدار ڪندي آکي ٿو:

تون ڪڏن ڳڌجين غير سين، تنهن کي پٺ ڏيئي،
جو سڀ ڪنهن ساعت سپرين مور نه وساريئي.

ميون عيسيٰ، شاه لطيف کان متاثر نظر اچي ٿو.

شاهه: رات سهائي پون سنڌين، پٽن وڏ و پنڌ،
هلندي حبيبن ڏي ڪرها موڙ ۾ ڪنڌ،
پندڙ سوئي پنڌ، جو پهچائي پرين کي.

ميون عيسيٰ: رات سهائي پون ۽ سنڌين پس پڌرو پٽ،
هل نه رسين هوت کي پسين جانب جٽ،
کهڙو رسو ۽ ڪٽ، جڏن تون وهسين ويسري.

Gul Hayat Institute

لمر فقير هندو سنتن ۽ جوڳين جي سنگ ۾ به شايد رهيو! اهڙو اهڃاڻ سندس بيتن مان ملي ٿو:

رام جنين جي روح ۾، تن ڪيو ڪاپڙين ڪمال،
جنين پاڻو ٿنين ماريو، جانب جو جمال،
ٿنين جو 'لمر' چوي، هڪ موچارو حال،
او نانگا ٿيا نهال، پڇن گس گروءَ جو.

......

مچ مانائي نه ٿيا، جي جلايا جوڳين،
جي عمر گذري ان کي، نه به تيز تکو ڪن،
دونهان اُنا دکن، تني جا 'لمر' چٽي.

لمر فقير پنهنجي بيتن ذريعي روحاني راهه جي راهگيرن کي سهڻيون صلاحون ڏنيون آهن:

جي پائين اوڏو ٿيان الکه کي نه وچ رام سين لاهي،
سنياسي سنسار جا چڏ لاڳاپا لاهي،
جتي جانا جوڳ جي، اُتي سامي رس ساهي،
ڪاپڙي ڪاهي، گنگا پيچ گو متي.

لمر فقير جي نظرن ۾ سچو سنياسي سو آهي، جيڪو اَنتي پهر ذاتي کي ياد ڪري ٿو. سندس رڳ رڳ ۾ رام آهي.

رام جنين جي روح ۾ سنياسي سيئي،
هوءُ هليا هنگلاج ڏي، سالڪ سڀيئي،
ڏنين جي 'لمر' چوي، پرت پري پيئي،
ان کي وهامي ويئي، عمر سڀ الکه سين.

لمر فقير جي بيتن ۾ سلاست ۽ تجنيس حرفي آهي. سندس ڪلام جي مطالعي مان اهڙو ٿو ٿئي ته هي فقير روحاني رنگ ۾ رچي راس ٿيو هو.

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

## فقير عنايت چوڙيو

فقير عنايت چوڙيو ميان ابراهيم چوڙي جو فرزند هو. هي صاحب شاهه لطيف جو مريد ۽ معتقد هو. هن صاحب گهڻا بيت پنهنجي مرشد شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي محبت ۾ لکيا آهن. شاعر مرشد کي التجا ڪندي چوي ٿو:

تون لطف ڪج لطيف، ڪامل ڏينهن قيام،
اُتارج عنايت الله کي لطيفن جي لام،
آهيان تنهنجي سام، لنگهائج لطف سان.

شاعر پنهنجي مرشد شاهه لطيف جا احسان مڃي ٿو جنهن ٿي کيس غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو:

اديون عبداللطيف، سٽي جاڳاياس،
هيس غافل غير ۾ اُٿي اُٿارياس،
قالو بليٰ قول کيءَ فائق فرمايوس،
اُٿي ڳول الله کي صاحبن سمجهاياس،
عنايت الله جي سڏ ڏنياس،
جانب جاڳاياس، نه ته هيڙي ننڊر ننڊ ۾.

فقير عنايت چوڙيو روحاني منزل تي پهچي چڪو هوندو، اهڙو اندازو سندس بيتن مان لڳائي سگهجي ٿو. هو صاحب مالڪ ۽ مرشد جي وچ ۾ ڪو سنڌو نٿو سمجهي، سڀ ۾ هڪ الله جو ديدار ڪندي چوي ٿو:

احمد، الله، لطيف، هڪو جاڳج هوت،
ال انسان سري اناسره پور هيت تو سان پوت،
سو تو سان سپرين، جبل ڳولهين ڳوت،
جي اندر ڪرين اوت، ته بت تنهنجو پيت ٿئي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


## قطب شاهه :

قطب شاهه سنه ١٧١٧ع ڌاري ٻلال شاهه جي ڳهر تولد ٿيو. سندس والد صاحب ٻلال شاهه پڻ شاعر هئا . جن پنهنجي فرزند کي تعليم ۽ تربيت پڻ ڏني. ان لحاظ کان شاعري کيس ورثي ۾ ملي. سندس شعر جي ٻولي سليس آهي . هن جا ڪل ١٥٠ بيت ملن ٿا .

الله تعاليٰ جي عنايت کان پوءِ دنيوي ماڻهن جـي درڪار ڪين آهي :

ڪريان ڪوه ڪتب ڇٽي تـــن حڪيمن هاڻي ،
جيڪي وهي وجود ۾ تنهن ڪر لون جاڻي ،
پرين ٿي پاڻهي ، ٻکي ڏني پاڄهه جـي .

مارئي پنهنجي ساهيڙين جو ذڪر ڪندي عمر کـي التجا ڪندي آکي ٿي :

مرڪن ملير جا ئيون ، ريلن منجهه رهن ،
سدائين سرتيون ورڻ پسي وهسن ،
قرار يون ’قطب‘ چئي سدا ساڻهه ڪن ،
ٿي جن پکن ، عمر! اکنهي آهيان .

Gul Hayat Institute

سندس ڪجهه بيتن مان ظاهر ٿئي ٿو تـه هي شاعر ٽالپرن جو حامي هو ۽ ڪلهوڙن حاڪمن جي خلاف هو.

الله حسبي ، ڪلهوڙن کان ڪسبي ،
ٽالپر کي ڏسبي، تنهان پوءِ پسبي .

مٿئين بيت مان شاعر جي تنگ دلي ثابت ٿئي ٿي. جڏهن تـه سچو شاعر اهڙي سوري حسد ۽ ايرکا کان مٿي هئڻ گهرجي.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

پڻ هڪ بيت ۾ فقير روحل چوي ٿو ته جيئ ۽ برهم جي
وچهر هڪ وار جي وٿي به ڪونهي.

روحل وسين روح ۾ وٿ نه پائيان وار.

فقير روحل انوسار هي جڳت جوئو آهي، تنهن ڪري روحل
سالڪ کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته هن جوئي جڳت کي ڇڏي
اڌيانمڪ رنگ ۾ پاڻ کي رنگي ڇڏ.

ڇڏي جوئو جڳ وڃي روحل رنگج رنگ ۾:

فقير روحل انتهه سادنا دوارا آتم سوروپ سڃاڻڻ جو
آديش ڏنو آهي. جيڪي سادڪ پنهنجي آتم تيرٿ ۾ سنان
ڪن ٿا اُهي گنگا يا گوداوريءَ ڪين ٿا وڃن، اُهي اندر ۾ ئي
کوج ڪري برهمڻ کي پراپت ڪن ٿا.

جي ٿن ۾ تيرٿ ڪن سي گنگا وڃن نه گودڙيا،
پير سڃاتو پر جو لوچي لاهوتين،
لڳو رنگ روحل چوي اندر آديسين،
کوجي کاهوڙين وڃي اونهي ۾ آسڻ ڪيا.

برهمڻ پنهنجي اندر مان ئي سچ جو گيان حاصل ڪري
پرماتما کي پاتو:

Gul Hayat Institute

سوجهي سچ سرير مان ٿي برهمڻ پاتو پيءُ.

فقير روحل ناٿ پنٿي يوگين جي سنگ ۾ به رهيو آهي،
انهن جي خوبين جو ذڪر ڪندي روحل چوي ٿو:

جي ننگ ڇڏي نانگا ٿيا ٿن نانگن کهڙو ننگ،
گنگا ۽ گرنار جو سامين ڇڏ ٻه سنگ،
نڪي واهڻ سڱيون نڪي چورڻ چنگ،
روحل لڳو ٿن رنگ، لاهوتين لقاءَ جو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ساروئي سر آهي، ڪاڻي سچل، ڪاڻي ذات سچل دي، موج درياءَ حباب ڪـــڙا ڪيا، جاڻج ڪو شڪ ناهي.

اسلام موجب بندو الله کـــان جدا آهي. مگر سچل سائينءَ حقيقت شناس ٿي آکي ٿو تـــہ بندو ۽ الله تعاليٰ هڪ آهن. هڪ ۽ حق کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين آهي:

جا نـہ چوڻ جهڙي، سا مان چوان ڪيئن،
قصو آهي هيئن، هي ۽ هو هڪ ٿيو.

سچل سالڪ کي ور ور وحدت جي وات وٺڻ جـي صلاح ڏئي ٿو:

ٻيائي ٻانهپ ڇڏ، سچا آءُ احديت ۾،
لعمون د مثون لڌ، تہ پاڪائي پاڪ ٿئي.

سچل سائينءَ جي خيال موجب اُنهن شخص جـــي زندگي بيسود ۽ بيڪار آهي جي وحدت جي وات کي وساري ٿا ڇڏين:

وحدت جنهن وساري تن جي مٽي اڪاسي.

ويدانت سوتر 'ايڪو برهم دوتيہ نہ استي' جي جهلڪ سچل سرمست جي ڪلام ۾ ملي ٿي:

سوئي اندر سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي،
تو ۾ مون ۾ هن ۾ هر جا، سچو سچ ٿو ٻولي.

عاشق، عشق ۽ معشوق ٽيئي هڪ ئي وحدت جا روپ آهن. خود شناسيءَ کان پوءِ اها پروڙ پوي ٿي:

عاشق عشق معشوق اهوئي، ڏاڻو ڏاڍو ڪيو ڏاهي.

سچل سائين جي ڪلام ۾ ويدانت سوتر 'تت توم اسي' جي جهلڪ ماي ٿي:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

مڪر آڪر هيڪڙو، سو ئي ڪير سياڻ،
اهو انئي اهڃاڻ، ڳهلا انهيءَ ڳالھ جو.

سنڌي آساسي شاعرن جي سرتاج شاھ لطيف ۽ ٻين شاعرن جو اثر سچل سائينءَ تي ظاهر ظهور آهي. شاھ لطيف وانگر سچل سائين به سهڻي ميهار، سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي، عمر مارئي، مومل راڻو، راءِ ڏياچ ۽ ٻين جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي.

سچل انهن ڪهاڻين جي ذريعي روحاني راز سليا آهن. شاھ لطيف جي شبداولي به سچل جي ڪلام ۾ ملي ٿي. سچل جي انهن لوڪ ڪهاڻين وارن بيتن مان مثال طور هڪ هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

سر سهڻي:

ڇڙن جي چونگار منهنجو چت چريو ڪيو،
راتيان ڏينهان ٿن ۾، ٿن جي اٿم تار،
ميڻهن ۽ ميهار، سنڌي سک سرير ۾.

سسئي:

پنهون! پنهون ٿي ڪريان، آءُ ٿيا پنهون پاڻ،
اديون! ٿيس اڄاڻ، جو ڪين ٻر وڙيم پاڻ ڪي.

نوري:

تون سمون سلطان، آءُ مئي مهاڻي آهيان،
جي تون مهربان، نہ ڪهڙي ڪاڻ ڪڙم جي.

مومل:

راضي ٿي راڻا! معاف مڙيئي ڪر مندايون،
مومل سان ماڻا، جانب تو نہ جڳائيا.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ببيهل :

آهيان سوالي سر جو، گهوٽ نه گهورجي راڄ،
مڱڻو نا محتاج، ماڻڪ موڙي مال جو.

مارئي :

عمر ! اباڻن ريءَ، آءٌ نا ڪوجهي آهيان،
لوئي هڏ نه لاهيان، نيشاني جا نينهن جي.

سچل سائين شاهه صاحب وانگر سر سارنگ ۾ بادلن، بجلي ۽ برسات جو بينظير بيان ڪيو آهي. اُنهن بيتن ۾ منظرڪشي آهي :

پورب سنڌي پار جا، ڪڪر ڪارونيار،
وچن ۾ وچ سان، چڙهن ٿا چوڌار،
اُڀي ڪي آبيندي، لڏئون سنڌڙيءَ سار،
سڪر سٽاوا ٿيا، وڌ يا وهه واپار،
ساوا ٿيا سنگهار، مولي سنڌي مهر سان.

شاهه لطيف جيان سچل سائين پڻ سڪن ڪان وڌ يڪ ترجيح ڏکن کي ڏني آهي :

ڏکن منجهان سک، مون تان لڌا، جيڏيون !
ڏوريندي کي ڏک، سو نهان ڏيڙ سچڻا.

دگ ئي دلبر جي ويجهو آڻين ٿا. سک سپرين کان پري وکن ٿا :

سارو لوڪ سکن، پوءِ وهارو پرين ڪون،
ڏسو واهه ! ڏکن، هوت وهاريو هنج ۾.

سچل سائين جي ڪلام ۾ سوز ۽ درد آهي، جو پڙهندڙ جي دل کي ڇهي ٿو ۽ درد پيدا ڪري ٿو :

Gul Hayat Institute
© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سچل سائينءَ برموڙا موجب هيئت جي لحاظ کان ابيات به چيا آهن نه علم عروض جي آڌار تي غزل به چيا آهن. سنڌي ڪافيءَ جي صنف اُبري بيٺي آهي. ڪافين ۾ سنگيت جو عنصر موجود آهي. صوفي نه سماع. سچل جو گهڻو ڪلام سماع ۽ مستيءَ واري حالت ۾ چيل آهي. انهن ڪري ئي نقاد سچل سائين کي ممتاز سنڌي گيتڪار ڪري مڃين ٿا.

غزل جي بحر وزن ۽ قافيه سان شاعر نباهيو آهي. سنڌي ڪلام ۾ رس رواني آهي، مزاج ۽ موسيقي آهي. شاعرائي اڏام ۽ خيالن جي گهرائي آهي. لفظي صنعتون ۽ معنوي صنعتون به سنڌي ڪلام ۾ موجود آهن.

تجنيس حرفي:

ورق وسارج وڃ جا، فارغ ٿين في الحال.

......

سچل ساري سڪ مان، گــاروڙي گيهي.

......

سارنگ سر سرائتا، ساجهري سور ســا.

......

وڃن وڪ وڌائي، وسڻ وس ڪيو.

Gul Hayat Institute

ورق مثنوي:

آهي ذوق شوق سهڻا! مونکي مدام انهنجو،
تن من سڀ تاراج ڪرڻ ٿيو ن، ڏيدن جو آهي هي دستور.

مٿين مصراعن ۾ ذوق، شوق، تن مـــن ورق مثنوي جا مثال آهن.

ورق سنگتي:

سچل ڪي ڪيو ساعت ساعت، حيرت هن حيران،
ڏِٺيءَ ڏِٺيءَ ۾ تال تماشا، چهچٽو چوڌار لڳو.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

'ساعت ساعت'، 'ڳالهه ڳالهه' ورق سنگتيءَ جا مثال آهن.

تشبيهه:

موُن ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
ٻئي باڊل سان، آهي جنهن سڄڻين.

......

نيم شبي مهتاب جان منهن ۾ ٻرن مشعلا.

استعارو:

لائي لاهوتين، ڏرم جي ڏوٽي.

......

پڻبٽين جي پڪان سان، زوري کن زيان.

......

ابرو ڪش، ڪمان، مارن مهتاجن کي.

پرليڪ:

ٻهر اُٺون جا لهر اُپئي ٿي مو ٽي اُيو مهران.

'ٻهر' الله جو ۽ 'لهر' ٻندي (جيوآتما) جو پرليڪ آهي.

ساقي ڏيج! سنڌي، سرڪ صراحيءَ مان ڪيڏي.

'ساقي' مرشد جو پرليڪ آهي.

مسجد ڇڏي ميخاني اندر، حاصل ڪيف ڪياسين.

'ميخانو' مرشد جي جاءِ پرليڪ آهي.

سچل سائين شاھ لطيف وانگر دوهـا - سورٺا، اڏ دوهـو اڏ سورٺو پڻ لکيا آهن.

سورٺو:

جي ساري ٻچان لوڪ تا گوندر وارو نه لهان،
ھھڙو پلو لوڪ، ڪنهين پاڳ پرائيو.

......

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


سيندڌون جي سکن، نندين کونڌر کهورا،
ڏنم ڪاڳ ڏکن، هي سر سارو ست ۾.

هڪ دوهو ـ اڌ سورٺو:

هٽي هٽي هيچ تي هٽي تي هيٺي،
واهڙ ۽ وڻن ۾، تي واڱن وهيٺي،
سير اندر سهٽي، وڇاري وس ڪيا.

اڌ دوهو ـ اڌ سورٺو:

جيسين دل دلي سان ساهڙ ڪين سچو،
ڪچو نيس ڪچو، نا ساهڙ پڪس سير ۾.

سچل سائين جي شعر ۾ شانت رس مکيه آهي ۽ شرنگار رس گوڻ آهي. سچل سائين جي ڪلام پڙهڻ سان روح کي راحت اچي ٿي.

شانت رس:

محبوب ڳولي ڏس من ۾، معشوق ڳولي ڏس من ۾،
واهه ڪاريگر! ساز بڻايئه، ڪن فيڪون جي ڪن ۾،
بي فائدو بازار گهمين ٿو، گل ڦل باغ بدن ۾،
چوريءَ چوريءَ سير ڪرين ٿو، ننهنڪو چاند چمن ۾،
'سچل' سائين صحيح ڪري ڄاڻم، يار ڳڌيم ڪک بن ۾.

سنيوگ شرنگار:

ابرو ڪش ڪمان، مارن محتاجن کي،
پنبڻين جي پيڪان سان، زوريءَ ڪن زبان.

......

چبلين چلا، مون هڪيڙ يا منهن لـــي،
نيم شبي مهتاب جان، منهن برن مشعلا.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com


مٺو ٿيو محبوب سان، ڪڇن قيل نہ قال،
سي ڪيڙا نينهن نهال، محبتي مراد چوي.

ڏٺيءَ جي حاصلات لاءِ ٻاهر ڀٽڪڻ جي ضرورت ڪين
آهي. شاعر سالڪ کي تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

ماندي ٿيءُ م مراد چوي ڏيهہ نہ اٿي ڏور،
آهي هوت حضور، جي ڀيهي پاڻ نهارئين.

شاعر مراد پنهنجي اندر چاهي ٻاهر ساري دنيا ۾ ڍڪ ٿي
حبيب کي ڏسي ٿو:

جڏهن سر ساهہ سرير ۾، ڏٺن سوڻ و ساماڻو،
ڀت پٽ وائي هيڪڙي، سڀ راڻو ئي راڻو،
ٻڙ جي مون جيڏهن جاڻو، تہ پسو محب مرادچوي.

جيڪي گيان روپي گنگا ۾ ٽٻي ڏين ٿا تن لاءِ سنڌ
دل ئي دوارڪا آهي ۽ ڪايا ۾ ڪاشي آهي. اهڙا سالڪ نفس
کي نهوڙي تن ۾ ئي تيرٿ ڪن ٿا:

گيان گنگا دل دوارڪا، ڪايا ڪاشي جن،
سي پورب ۽ پڇم جا چا کي پنڌ پڇن،
ري تيرٿ ٿا تيرٿ ڪن، ماري من مراد چوي.

مراد فقير روحاني راهہ ۾ من مارڻ ۽ وحدت جي وات
وٺڻ لاءِ تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

دنيا ڪارڻ دين کي ٿو ورسيو وسارين،
ڪٿي ٻازي ٻانورا، هٿين ٿو هارين،
ماري من مراد چوي، جي وحدت ڏي وارين،
تہ هوند جاڏي نهارين، تاڏي سڄڻ پسين سامهون.

ديونگي عاشقن لي طنز ڪندي مراد فقير چوي ٿو:

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.
Gul Hayat Institute

www.drpathan.com

Page # 149

ڪهڙي ڪهي سيڪو، ٻر رهڙي ڪين رهن،
ڏاٽ نہ ٻرجهن پانهنجي اُسا ٻڌيو ٻاٽ ٻڪن،
سي من ميرا مراد چوي اڪا ڪين اڪن،
لوڙي ڪوڙي مکر ڪن، تان ٻي ٻارين آهن ٻڌرا.

مراد فقير سنڌي استعارن ذريعي روحاني رمزون سليندي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو:

چاڪي چت مراد ڪر گهاٽو مـــن گهماء،
ساري سرت نرت جا، ڏينهڪ ڏاند وهاء،
تہ ناري کڍ تن مون، سره صاف پيڙاء،
تهان پوء تون لاء، لڱين تيل لقاء جو.

مراد فقير سهڻي، سسئي، مومل، مارئي، ليلا جي ڪهاڻين سان وابستہ ڪـي بيت چيا آهن جن ۾ تمثيل سمايل آهي. شاعر مارئيءَ جي زبان ذريعي پنهنجي فيلسوفاڻہ خيالن جو اظهار ڪري ٿو:

عمر ڪر م مارڙ، پسي ڪوٽ ڪڇهريون،
هي سڪ سانگي، سومرا ڪين هلندءِ ساڙ،
هت وايون ويندءِ وسري، جت پاڪ پيچندءِ پاڙ،
تہ مونکي ميڙ اُماڙ، ماروئڙن مراد چوي.

سر سهڻيءَ جي بيتن ۾ شاعر سچن سالڪن جو بيان ڪندي چوي ٿو:

جن کي سيڻهہ سچ جي، سي ٿرهي ٿاٽ نہ ڪن،
ڪڏين نہ ڪاڙ ڪنيار جي، پيهلي ٿي نہ پلن،
رکي روح رضا ٿـــي، طالـــب تـــار تـــرن،
سي محبتي مـڙن، وڃي محب ساڙ مراد چوي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com 



### ميان چتن :

ميان چتن حافظ عاليءَ جو همعصر هو ۽ شمشير شاهه ڳوٺ جو ويٺل هو. هي ٺٽي جي شاعرن مان هو. هي نه صرف شاعر هو پر درويش پڻ هو. هن صاحب غزل، ڪافيون ۽ بيت چيا آهن. سنڌس شعر ۾ تجنيس حرفيءَ جو چڱو استعمال ٿيو آهي :

پراهون پرين، پيو نه پانڌ پرو،
سڪا سنڌ سيني ڪي سريو سرو،
ونيون واجهه ونجن وجهن واء واء!
ڪري قرب واڌوڙين ڌي ورو.
......
ڪو پرت ۾ ڪيو پتنگن پڇي،
رهيا رمز ۾ آڳ مهندان اڇي.

### حافظ حاجي حامد:

حافظ حاجي حامد ١٨ عيسوي صديءَ ۾ ٺٽي ۾ محمد هاشم جي گهر تولد ٿيو. ماتا جي بيماريءَ سبب ننڍپڻ ۾ ئي نابين ٿيو مگر اڳتي هلي سندس اندر جون اکيون کليون ۽ ٻهڪندي شاعريءَ جي روشنيءَ سان روشن ٿيو. سندس حافظو تيز هو. قرآن شريف ياد ڪيائين. هي صاحب مدينه شريف ۾ ويو. سنه ١٨٠٢ع ڌاري هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

حامد صاحب علم عروض جي آڌار تي شعر و شاعري ڪئي آهي. سندس شعر ۾ رس ۽ رواني آهي، ٻولي به مٺڙي آهي. بحر وزن جي لحاظ کان سندس شعر پڪو پختو آهي. سندس غزل ۾ خيال جي بندش ۽ سلاسست آهي :

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

ويا سب ويچ لائي وس، پريتم تون حال منهنجو پس،
نه ڏاهن کان ٿئي تو ڏس، اندر جـي اڱهائيءَ جو.

شاعر محبوب کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

آءُ اکڙين ٺار، وهلو ڪيم وچ،
دل گهريا دلدار، وهلو ڪيم وچ،
پير ڏي پنبڻين، اکيون اوطاق ڪر،
ٺان نرن نت ٺار، وهلو ڪيم وچ.

حامد صاحب جي شعر ۾ سوز ۽ درد آهي. هو پنهنجي اندر جا احساس شعر ۾ پلٽي ٿو:

محرم نه ڪو ٻه منهنجو هي سوز ڪنهن سڻايان،
اغيار سين اهو ڳجهه چو ئي پڌر نـــه پايان،
سانڍيو نه سگهان ٿـو، مشهور ٿـي محبت،
ٺٺون عشق ڪيو نظارو، لڳي پرت ڪيئن لڪايان.

شاعر جي من ۾ محبوب لاءِ ڪيڏي نــه محبت آهي سو سندس غزل جي هيٺ ڏنل بند مان ظاهر آهي. محبوب کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

مٺو ڄاڻي مونکي، جي وڍيندين و ٺام،
پرين تو پڄاڻان حيائي حشر!

تجنيس حرفيءَ جو ٻه سهڻو استعمال ٿيل آهي:
منهن مثل مهتاب محبن، آه نسورو نور ميان.

......

وات وڏڪارين نڪو وائي نه رند،
پيڙهو پپ جو اهڙ اونڌو اهڙ.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com




پل پل پوءِ پچار، ملڪ ۾ ميشاق جي،
ڪڪ پڻ ڪن اقرار، اسين پاڻها تون ڏٺي.

شاعر مرشد جي مهرباني محبتدي من کي سمجهائي ٿو:

مونکي مون پرين، ميرو ڏسي نه مٽيو،
پرين پلائي پانهنجي، ته عيب ڏسيو ڳجهڪن،
تون ڪنهن سندو آن، ديوانا در مٽين!

ڏٺيءَ جي حاصلات کان سواءِ هيءَ زندگي بيسود آهي:

ذارا پرين جي حياتي حيفاءِ.

الله تعاليٰ جي ملڪ جو ذڪر ڪندي شاعر چوي ٿو:

ملڪ پسين محبوب، جت عيش نه عيش جهاءِ،
سدا سارنگ تو وسي، نڪو ورڻ ڪو ماءِ،
مرض مورا ناهه ڪو، قحط جاءِ نه ڪاءِ،
موت محالي اتهين، وائي ويري ناه،
ڏک نه ڏٺي، آن ڏيهه ۾، سيڻي سرها،
سج ري سهائو ٿئي، ڪپهه ري ڪپڙا،
سيڪي ميسر سب ڪنهين ويلي وات نه ڪا،
وجهل آن وطن جي، مونکي مارئيو ماءِ.

الله جا سچا عاشق جيئري ئي پاڻ فنا ڪن ٿا ۽ سدائين خاموش رهن ٿا:

پاڻ پريان کي جن ڏنو تن وائي واٽ نه ڪاءِ،
وڃي هميڙي هڏا ويندا ويچارا،
جيئري جهان کان لاهوتي لڏيا.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

سندس شعر ۾ ويڙ رس، پيارڪ رس ۽ ڪروڻ رس جو ميلاپ آهي. لفظي ۽ معنوي صنعتون به استعمال ٿيل آهن سندس مرثين ۾ منظرڪشي به آهي.

## عارف شاهه:

سيد عارف شاهه ڪامل درويش هو. هي صاحب دادو تعلقي جو وينل هو. مجازي عشق جي راهه تي هلندي حقيقي عشق جي منزل تي پهتو. هن صاحب ڪافي بيت لکيا مگر سندس تمام ٿورا ئي بيت ملن ٿا جن مان سندس شاعرانو تخيل جي ڪل پوي ٿي. شاعر پنهنجي محبوب جي سونهن جو بيان ڪندي چوي ٿو:

تلنگ تلهيرو نين، وڏ سورج ڪان سهڻا پرين،
ڪڙن نيڻ خمار مستان، مٿي نين نگهن،
سهڻ گڏي، ڪٽ ڪيسري، اهڙي روءِ رڻين،
عاقل 'عارف شاهه' چئي ايڏا آڏر آمين،
ذوقي سر زمين، هون گهر پرين آئيا.

شاعر کي پنهنجو معشوق آفتاب کان به وڌيڪ تجليدار لڳي ٿو. هو نه صرف سونهن جو سر چشمو آهي مگر عاقل ۽ فاضل به آهي. شاعر جو شاعرانو تخيل سندس بيت جي هيٺئين مصراع مان ظاهر آهي:

صدر ويل صدم کي سجاڳ پسي، قمر اختر ويا پرندا.

ماهتاب اسر جو جهڪو ٿيندو ويندو آهي مگر شاعر جو خيال آهي ته صدم کي سجاڳ ڏسي يعني معشوقا جي سونهن ڏسي چنڊ پوٺو پوندو ٿو وڃي.

Gul Hayat Institute

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

www.drpathan.com


اوڏيا ميل اندر ۾ رهي نہ رائي،
وڃائي وائي ساميءَ چڙهيو سيج تي.

ساميءَ جا دارشنڪ ويچار:- سامي صاحب سنڌ جو مهان ويدانتي ڪوي هو. هُو پاڻ ٿي پنهنجي سلوڪن ۾ چوي ٿو:

ويدن جي واٽي سنڌيءَ ۾ سٽايان.

سامي صاحب پنهنجي سلوڪن ۾ ويدانت جا فيلسوفاڻا ويچار پيش ڪيا آهن ۽ انهن کي سهڻي نموني پيش ڪرڻ لاءِ ڏهڪندڙ النڪار پڻ استعمال ڪيا آهن. سامي صاحب برهم، جيو، جڳت، مايا ۽ مڪتيءَ بابت جيڪي دارشنڪ ويچار ظاهر ڪيا آهن سي مختصر پيش ڪجن ٿا.

برهم:- سامي صاحب برهم جي ويا پڪتا جو ورڻن ڪندي چوي ٿو تہ پربرهم ساري سرشٽيءَ ۾ ورديمان آهي.

ويا پي رهيو وس ۾، ساڪي سرجنهار.

پرماتما اسان کان پري ڪين آهي. اسانجي اکين ۾ ئي اُن جون اکيون آهن، اسان جي دل ۾ ئي اُن جو ديرو آهي:

اکين منجهہ آهين اکيون عجيبن جون.

ست چت آنند برهم، جو سرو ويا پي آهي سو اسانجي اندر ۾ بہ موجود آهي. ان مام کي سامي صاحب هيٺ ڏنل سلوڪ ۾ سمجهائي ٿو تہ:

سامي گهر ۾ گهر لڌهن ۾ گهر اگهر ٿي،
من ۾ واٽيءَ ڪون پري اندرين اگو چر،
نرليپ نيارو نپ جان سدائين سيتر،
اهڙو ٻڌائي گروءَ ڏيکاريو گياٽ سان.

© 2019 Dr.Pathan. All Rights Reserved.

